# سنڌيت جي موٽ

## هند ۾ سنڌ جي سنڌي سنگيت ۽ نرتيہ جي شام

گوپ درياناڻي

تاريخ 12 نومبر 2010، دبئي جي شام جوان ٿي رهي هئي. متحد عرب اِمارات جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سنڌي سنگيت جا شائق، دبئي جي  شاندار هال، شيخ راشِد آڊيٽوريم طرف وڌي رهيا هئا، جتي سنڌي سنگيت ۽ نرتيہ جو هڪ انوکو ڪاريہ ڪرم ٿيڻ وارو هو. هميشہ جيان هن ڀيري بہ شروعات ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي  سنڌي قومي تراني "آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي..." سان ٿي. ڀاڱ وٺندڙ ڪلاڪار هئا سنم مارئي، گريش ساڌواڻي ۽ راجيو ساپرُو. هنن ٽنهي ڪلاڪارن 1500 درشڪن کي سنڌي سنگيت ۽ ڪلاڪارن سان 3 ڪلاڪ منتر مگڌ ڪري رکيو.

ماستر رانجهن ۽ شري رام پنجواڻيءَ جي ڳايل مشهور راڳ "الائجي ڇا ۾ راضي آ..."سان هر سنڌي بخوبي واقف آهي. ان راڳ کي دبئيءَ جي ڪلاڪار راجيو ساپرُو، هڪَ انوکي انداز ۾ پيش ڪري درشڪن جي واه واه حاصِل ڪئي. راجيو مشهور سنڌي ڪلاڪار ايشور ساپرُوءَ جو پوٽو آهي. هن سنگيت جي سِکيا اُستاد اجمل علي خان کان حاصل ڪئي آهي. سنڌيءَ ۾ راڳ ڳائڻ جو سندس پهريون موقعو هو. راجيو کان پوءِ وارو وڄايو سنم مارئيءَ، سنم پنهنجو ڪلام جيڪو راحت فتح علي خان سان گڏ رڪارڊ ٿيل آهي "پرچن شال پنوهار.." هن اِن ڪلام سان درشڪن جو من موهي ڇڏيو. سنڌ جي نياڻيءَ ٻيا بہ ڪيترائي گيت ۽ ڪلام پيش ڪري

پنهنجي سريلي آواز جو جادو جڳائي ڇڏيو. سنڌ ۾ بہ لوڪپريہ ٿي چڪا آهن.

ممبئي جي ڪلاڪار، گريش ساڌواڻيءَ پنهنجي زبردست آواز ۾ پيش ڪيو، ”جيئي سنڌي جيئي...“.هن راڳ تي دبئيءَ جي ٻالڪين ۽ ٻالڪن بيحد ئي سُندر نرتيہ پيش ڪري درشڪن کي جهوُمائي ڇڏيو. گريش مشهور سنڌي گايڪ پنڊت آسڪرن شرما جو شاگرد رهي چڪو آهي. گريش شاستريہ سنگيت جي نوجوان سنڌي پيڙهيءَ جو هڪ خاص نمائندو آهي.

جيئن جيئن رات جوان ٿيندي ويئي سنڌي سنگيت ۽ نرتيہ جي محفل مچندي وئي. ان سان گڏ اُميش ڦيرواڻي پنهنجي انوکي انداز ۾ پيش ڪيل چرچن سان شام کي هڪ نئون رنگ ڏئي ڇڏيو. اُميش انگريزيءَ ۾ ئي ڪاميڊي ڪندو رهيو آهي. ڪنهن کي بہ ان ڳالھ تي اصل وشواس ئي نہ پئي آيو تہ سنڌيءَ ۾ هي سندس پهريون پروگرام آهي.

سنڌي سنگت لاءِ اِها فخر جي ڳالھ آهي جو اِها هميشھ نون سنڌي ڪلاڪارن کي پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکارڻ جو وجھ ڏيندي رهي آهي. اهڙن ڪيترن پروگرامن کي ٽي.وي. ۽ اِنٽرنيٽ ذريعي چڱي مشهوري حاصل ٿي آهي. اِهي پروگرام www.sindhisangat.tv تي ڏسي سگهجن ٿا.

پروگرام جا سپانسر هئا المايا ، جئڪي اليڪٽرانڪس ۽ ساپل ۽ ٻيا بہ ڪيترائي. ان سان گڏ ميڊيا پارٽنر، ذي ٽي وي، 106.2 هم ايف. ايم ريڊيوءِ خليج ٽائيمس بہ مشهوريءَ ۾ چڱي مدد ڪئي.

هن پروگرام جي هرتا ڪرتا آشاچاند ڪيترن ئي سالن کان سنڌي سنگيت ۽ نرتيہ ذريعي ڪيترن ئي نون ڪلاڪارن کي پيش ڪري سنڌيت جي خاص شيوا ڪئي آهي.

سندس عقيدو آهي تہ سنڌي ٻولي انهن پروگرامن ذريعي ئي زنده رهي سگهندي.24 ڪلاڪن وارو سنڌي چئنل اسانجي ڪلاڪارن لاءِ هڪ سٺو منچ ثابت ٿيندو ان لاءِ هوءِ دادا رام ڇيتملاڻي جي زير سايعي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن لاءِ **ڪيترن ئي سنڌي ايسوسيئشنس جو ساٿ مليو آهي.**www.sindhisangat.com